# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2022

# SINDH ACT NO.XVI OF 2022

## ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميمي) ايڪٽ، 2022

## THE DOW UNIVERSITY OF HEALTH SCIENCES (AMENDMENT) ACT, 2022

### فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act No.X of 2004

3.2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act No.X of 2004

4.2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Sindh Act No.X of 2004

5.2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act No.X of 2004

6.2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act No.X of 2004

2004.7 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Act No.X of 2004
2004.8 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ A_9 جي شموليت
Insertion of section 9_A of Sindh Act No.X of 2004
2004.9 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 11 جي ترميم
Amendment of section 11 of Sindh Act No.X of 2004
2004.10 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of Sindh Act No.X of 2004
2004.11 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Act No.X of 2004
2004.12 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Act No.X of 2004
2004.13 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sindh Act No.X of 2004
2004.14 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 28 جي ترميم
Amendment of section 28 of Sindh Act No.X of 2004
2004.15 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 31 جي ترميم
Amendment of section 31 of Sindh Act No.X of 2004
2004.16 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 44 جو متبادل
Substituion of section 44 of Sindh Act No.X of 2004

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 2022

# SINDHACT NO.XVI OF 2022

# هيلٿ سائنسز جي ڊائو يونيورسٽي (ترميم) ايڪٽ، 2022

# THE DOW UNIVERSITY OF HEALTH SCIENCES (AMENDMENT) ACT, 2022

[3 آڪٽوبر 2022]

ايڪٽ جنهن ذريعي هيلٿ سائنسز جي ڊائو يونيورسٽي ايڪٽ، 2004 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هيلٿ سائنسز جي ڊائو يونيورسٽي ايڪٽ، 2004 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. هن ايڪٽ کي هيلٿ سائنسز جي ڊائو يونيورسٽي (ترميم) ايڪٽ، 2022 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. هيلٿ سائنسز جي ڊائو يونيورسٽي ايڪٽ، 2004 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (xiv) کانپوءِ، هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No.X of 2004

"(vi_b) "چيف انفارميشن آفيسر" مطلب هڪ شخص جيڪو انفارميشن ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيز جي مينيجمينٽ، عملدرآمد ۽ استعمال لاءِ ذميوار هجي؛

(vi_c) "چيف انٽرنل آڊيٽر" مطلب هڪ شخص جيڪو انٽرنل آڊٽ چارٽر موجب انٽرنل آڊٽ سرگرمي جي موثر انتظام لاءِ ذميوار هجي؛

(xi_a) "ڊائريڪٽر ايڊميشن" مطلب هڪ شخص جيڪو سمورن نون شاگردن لاءِ داخلا جي ڪاٽي ۽ پروسيس لاءِ يونيورسٽي طرفان ڪم ڪري؛

(xi_b) "ڊائريڪٽر ڪارپوريٽ ڪميونيڪيشنز" مطلب هڪ شخص جيڪو ترقي ۽ مواصلاتي ۽ مارڪيٽنگ حڪمت عملين جي عملدرآمد سميت تنظيم سان لاڳاپيل سمورين مواصلات جي نگراني ڪري؛

(xi_c) "ڊائريڪٽر هيومن ريسورسز" مطلب هڪ شخص جيڪو هيومن ريسورس سسٽمز جي نظرداري ڪري، ملازمن جي لاڳاپن کي ڏسي، ضابطن تي عملداري کي يقيني بڻائي، عملي جي گهرجن کي پورو

| | |
|---|---|
| | ڪري، ملازم پرتي ڪري، تربيتي پروگرام ڪرائي ۽ مراعتون ڏيڻ جا منصوبا جوڙي؛ |
| | (xi_d) "تحقيقي جدت ۽ واپار جي ڊائريڪٽر آفيس" مطلب هڪ شخص جيڪو تحقيق ۽ جدت جي سرگرمين جو انتظام ڪرڻ لاءِ ذميوار هجي؛ |
| | (xi_e) "معيار وڌائڻ جو سيل جو ڊائريڪٽر" مطلب هڪ شخص جيڪو تدريس ۽ سکيا جي ڪوالٽي معيارن کي هلائي ۽ نگراني ڪري؛ |
| | (xiv_a) "سکيا مرڪز" مطلب ڪو جنرل اسڪول، ڪاليج يا اداري جيڪو يونيورسٽي جي انتظام هيٺ تعليم ڏئي؛". |
| 2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 4 جي ترميم<br>Amendment of section 4 of Sindh Act No.X of 2004 | 3. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) ۽ (2) ۾، ڪاما ۽ لفظن "سنڌ ميڊيڪل ڪاليج" کي ختم ڪيو ويندو. |
| 2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 6 جي ترميم<br>Amendment of | 4. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:<br>(a) شق (viii) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>"(viii) ملڪيت، اثاثا، گرانٽس، وصيت، ٽرسٽس، تحفا، عطيا، وقف، حصا ۽ يونيورسٽي طرفان اسپانسر |

section 6 of Sindh Act No.X of 2004

ڪيل ڪمپنيز جا منافعا حاصل ڪرڻ، ونڊ ۽ سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙي طريقي سيڙائڻ جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(b) شق (ix) ۾ لفظن "۽ فردن" لاءِ ڪاما ۽ لفظ "فرد، ٻيون شخصيتون ۽ يونيورسٽي طرفان ان جا ڪم ۽ سرگرمين سرانجام ڏيڻ لاءِ اسپانسر ڪيل ڪمپنيز" متبادل هوندا؛

(c) شق (xxiii) ڪانپوءِ هيٺيون واڌارو ڪيو ويندو:

"(xxiv) ڀائيواري، سهڪار يا مفادن، سهڪار يا گڏيل منصوبي جي ميلاپ لاءِ ڪنهن انتظام ۾ شامل ٿيڻ يا ڪنهن مالياتي انتظاميه تحت يا ڪنهن شخص يا ڪمپني سان جاري رکڻ يا جاري ڪم يا جاري رکڻو هجي يا گڏ ٿيڻو هجي، ڪنهن ڪم يا ٽرانزيڪشن ۾، جنهن لاءِ يونيورسٽي کي جاري رکڻ جو اختيار هجي يا سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت يونيورسٽي کي ۽ ان سان جڙيل ڪاليج، جڙيل اداري ۽ جڙيل اسڪول کي سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت موجوده قانونن موجب فائدو ڏيندو هجي؛

(xxv) ڪنهن ڪمپني کي ونڊ يا ٻي صورت ۾ حاصل ڪرڻ ۽ شيئرز رکڻ ته جيئن ڪنهن سرگرمي کي جاري رکي سگهجي، جيڪا سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت يونيورسٽي کي فائدو ڏيڻ لائق هجي؛

(xxvi) ڪنهن ڪمپني يا ڪمپنيز کي سمورا يا ڪي اثاثا، ملڪيت، حق ۽ وسيلا سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت حاصل ڪرڻ جي مقصد لاءِ هٿي ونرائڻ،

جيڪي يونيورسٽي کي فائدو پهچائين؛

(xxvii) جتي اهڙن ادارن کي جوڙيو يا قائم ڪيو ويو هجي، اتي جتي دلچسپي هجي، واپار يا ڪمپنيز جيڪي يونيورسٽي جي مفادن لاءِ فائديمند هجن ۽ ڪو بيو واپار جاري رکي سگهن، جيڪو يونيورسٽي جي اختيارن ۾ ڪمن موجب جاري رکي سگهجي؛

(xxviii) ڪنهن ڪم، ڪمپني، فنڊ يا ٻئي اثاثي ۾ يونيورسٽي جو مفاد ڪنهن به طريقي ۾ ڪنهن به وقت تي، مڪمل طور تي يا عارضي طور تي وڪڻڻ، نيڪال ڪرڻ يا ورهائڻ، منتقل ڪرڻ يا ختم ڪرڻ؛

(xxix) ڪمپني، فنڊ، هڪ يا ساڳين معاملن جي اشتهار ۾ رجسٽريشن لاءِ سموري رقم، چارجز يا خرچ ۽ ان سان لاڳاپيل خرچ جن جي اسپانسر، شامل ڪرڻ يا جوڙڻ لاءِ يونيورسٽي بااختيار هجي.".

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act No.X of 2004

5. چاڻايل ايڪٽ جي دفعه 7 جي ذيلي دفعه (1) ۾:

(i) لفظ "ڪاليجز" کانپوءِ لفظ "يا ادارا" شامل ڪيا ويندا؛ ۽

(ii) آخر ۾ ايندڙ لفظ "هدايتون" کانپوءِ لفظ "توڙي ڪاروبار ۽ صنعتي ماحول جي نمائش" شامل ڪيا ويندا.

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي

6. چاڻايل ايڪٽ جي دفعه 8 ۾، شق (xx) کان (xxiv) تائين هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(xx) چيف انفارميشن آفيسر؛

(xxi) چيف انٽرنل آڊيٽر؛

(xxii) ڊائريڪٽر ايڊميشنز؛

(xxiii) ڊائريڪٽر ڪارپوريٽ ڪميونيڪيشنز؛

(xxiv) ڊائريڪٽر هيومن ريسورسز؛

(xxv) تحقيقي جدت ۽ ڪمرشلائيزيشن جي ڊائريڪٽر آفيس؛

(xxvi) ڊائريڪٽر ڪوالٽي انهانسمينٽ سيل؛

(xxvii) ڊائريڪٽر (ورڪس اينڊ سروسز)؛

(xxviii) اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي يونيورسٽي جي عملدارن طور ضابطن ۾ بيان ڪيا ويا هجن."

دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act No.X of 2004

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Act No.X of 2004

7. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 9 جي ذيلي دفعات (4) ۽ (5) کي ختم ڪيو ويندو.

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي

8. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 9 ۾، هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

| | |
|---|---|
| "9_A. وڏو وزير. (1) وڏي وزير کي اختيار هوندو تہ اهو اهڙن قانونن جي منظوري ڏئي هن کي سينيٽ طرفان ڪيس جمع ڪرڻ لاءِ طلب ڪيا ويا آهن يا هولڊ منظوري انهن کي ٻيهر غور لاءِ سينيٽ ڏانهن واپس اماڻي سگهي ٿو.<br>(2)وڏو وزير ڪنهن شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر شپ تان هٽائي سگهي ٿو جيڪڏهن اهو شخص:<br>(i) دماغي توازن وڃائي ويٺو هجي؛<br>(ii)اهڙي اٿارٽي جي ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي ويو هجي؛ يا<br>(iii)اخلاقي پستي جي ڏوهہ ۾ قانون جي ڪنهن عدالت طرفان سزا ڀڏائي وئي هجي.". | دفعہ 9_A جي شموليت<br>Insertion of section 9_A of Sindh Act No.X of 2004 |
| 9. چاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>"(1) صحت وارو وزير يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسلر هوندو.". | 2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 11 جي ترميم<br>Amendment of section 11 of Sindh Act No.X of 2004 |
| 10.چاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (4) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>"(4)چانسلر ۽ پرو وائيس چانسلر جي غير حاضري جي صورت ۾ وائيس چانسلر يونيورسٽي جي | 2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 12 جي ترميم<br>Amendment of |

| | |
|---|---|
| section 12 of Sindh Act No.X of 2004 | ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.<br>(4_A) وڏي وزير ۽ پرو چانسلر جي غير حاضري ۾ وائيس چانسلر سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ جيڪڏهن موجود هجي، اهڙين اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو، جن جو اهو چيئرمين هجي ۽ ڪنهن ٻي اٿارٽي يا يونيورسٽي جي باڊي جي گڏجاڻي اٽينڊ ڪرڻ يا صدارت ڪرڻ جي لائق هوندو.". |
| 2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 15 جي ترميم<br>Amendment of section 15 of Sindh Act No.X of 2004 | 11. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، ڪاما ۽ لفظ "برسر" ختم ڪيا ويندا. |
| 2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 16 جي ترميم<br>Amendment of section 16 of Sindh Act No.X of 2004 | 12. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 16 ۾:<br>(i) هاشيءَ ۾ لفظ "ريزيڊنٽ آڊيٽر" کانپوءِ لفظ "۽" شامل ڪيو ويندو ۽ لفظ "۽ برسر" ختم ڪيا ويندا؛<br>(ii) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "۽ برسر" کي ختم ڪيو ويندو ۽ لفظ "اهي" لاءِ لفظ "اهو" متبادل هوندو. |

13.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 13 جي ذيلي دفعہ (2) ۾:

(i) شق (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(b) ڪا متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت وڪري يا ٻئي طريقي سبسڪرائيب ڪرڻ، سنڀالڻ، وٺڻ، حاصل ڪرڻ ڪنهن بہ طريقي يا منتقل ڪرڻ يونيورسٽي طرفان بشمول يونيورسٽي طرفان سهڪار يافتہ ڪنهن ڪمپني جي شيئرز جي؛

(ii)شق (c) ۾، آخر ۾ ايندڙ لفظ "بيان ڪيل" ڪانپوءِ، لفظ "يا قيمتن يا انڪارپوريٽنگ ۽ يونيورسٽي طرفان سهڪار يافتہ ڪمپني جي شيئرز سبسڪرائبنگ جي خرچن لاءِ فنڊز منظور ڪرڻ" شامل ڪيا ويندا؛".

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sindh Act No.X of 2004

14.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 28 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظ "چانسلر" لاءِ لفظ "وڏو وزير" متبادل هوندا.

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 28 جي ترميم
Amendment of section 28 of Sindh Act No.X of 2004

15.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 31 ۾، لفظن "گرانٽس ۽ ٻيا وسيلا" لاءِ لفظ "گرانٽس، وقف، منافعا ۽ ٻيا وسيلا جيڪي يونيورسٽي ۽ ان جي سڪيا مرڪزن ۾

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي

ايڪٽ سان لاڳاپيل طريقي موجب فائدي لاءِ استعمال ڪيا ويندا" متبادل هوندا.

دفعہ 31 جي ترميم
Amendment of section 31 of Sindh Act No.X of 2004

16.جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 44 ۾، هيٺين ريت متبادل هوندو:

"44.جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، هيٺيان ڪانسٽيٽوئنٽ ڪاليجز ۽ ڪانسٽيٽوئنٽ ادارا، هوندا، جيئن هن ايڪٽ ۾ بيان ڪيا ويا آهن:

1. ڊائو ميڊيڪل ڪاليج؛
2. ڊائو ڊينٽل ڪاليج؛
3. ڊائو انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهيبليٽيشن؛
4. چاتيءَ جي بيمارين جو اوجها انسٽيٽيوٽ
5. ڊاڪٽر عشرت العباد خان انسٽيٽيوٽ آف اورل هيلٿ سائنسز؛
6. ڊائو انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ مڊ وائفري؛
7. انسٽيٽيوٽ آف بايو ميڊيڪل سائنسز؛
8. ڊائو انٽرنيشنل ميڊيڪل ڪاليج؛
9. ڊائو ڪاليج آف فارميسي؛

2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي دفعہ 44 جو متبادل
Substituion of section 44 of Sindh Act No.X of 2004

10.ڈائو انسٹیٹیوٹ آف میڈیکل ٹیکنالاجی،
11.اسکول آف پبلک ہیلتھ،
12.اسکول آف پوسٹ گریجوئیٹ اسٹڈیز،
13.ڈائو انٹرنیشنل ڈینٹل کالیج،
14.ڈائو انسٹیٹیوٹ آف بزنس اینڈ ہیلتھ مینیجمینٹ،
15.ڈائو ریسرچ انسٹیٹیوٹ آف بایوٹیکنالاجی اینڈ بایومیڈیکل سائنس،
16.ڈائو کالیج آف بایوٹیکنالاجی،
17.ڈائو اسکول آف بایومیڈیکل انجنیئرنگ ٹیکنالاجی،
18.ڈاکٽر عشرت العباد خان انسٹیٹیوٹ آف بلڈ ڈزیز،
19.ڈائو انسٹیٹیوٹ آف ریڈیولاجی،
20.ڈائو انسٹیٹیوٹ آف کارڈیولاجی،
21.ڈائو انسٹیٹیوٹ آف ہیلٿ پروفیشنل ایجوکیشن،
22.انسٹیٹیوٹ آف بایولاجیکل، بایوکیمیکل اینڈ فارماسوٹیکل سائنسز،
23.نیشنل انسٹیٹیوٹ آف ڈائبیٹیز اینڈ اینڈوکرنالاجی،
24.نیشنل انسٹیٹیوٹ آف لیور اینڈ گیسٽروانٽیسٽینل ڈزیز،
25.اسکول آف ڈینٹل کیئر پروفیشنل،
26.نیشنل انسٹیٹیوٹ آف سولڈ آرگن اینڈ ٽشوز

ٽرانسپلانٽ؛

27.ڊائو انسٽيٽيوٽ آف لائيف سائنسز؛

28.ڊاڪٽر عبدالقدير خان انسٽيٽيوٽ آف بيهيوريل سائنسز؛

29.ٻيا ڪي ادارا، ڪاليج يا اسڪول جيڪي سنڊيڪيٽ طرفان منظور ڪيا ويا هجن.”.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**